SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XVI مجريہ 2001

# SINDH ORDINANCE NO.XVI OF 2001

# سنڌ مالیات (پي ترميم) آرڊيننس، 2001

# THE SINDH FINANCE (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1994 جي سنڌ فنانس ايڪٽ نمبر. XIII جي ترميم
Amendment of the Sindh Finance Act No.XIII of 1994

# سنڌ آرڊيننس نمبر XVI مجريہ 2001

# SINDH ORDINANCE NO.XVI OF 2001

# سنڌ مالیات (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2001

# THE SINDH FINANCE (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

[15 مئي 2001]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ مالیات ايڪٽ، 1994 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ مالیات ايڪٽ، 1994 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، چيف ايگزيڪيوٽو جي هدايتن تي ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ 1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ مالیات (ٻي ترميم)

شروعات

Short title and commencement

1994 جي سنڌ فنانس ايڪٽ نمبر. XIII جي ترميم

Amendment of The Sindh Finance Act No.XIII of 1994

آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ سمجهيو ويندو ته 24 فيبروريءَ کان لاڳو ٿيو آهي.

2. سنڌ مالیات ایکٹ، 1994 جي دفعہ 9 ۾:

"(1). شين تي انفرااسٽرڪچر جي مرمت ۽ ترقي لاءِ مال ڏورائڻ تي ايندڙ خرچ جو 0.5 سيڪڙو سيس لڳائي ۽ جمع ڪئي ويندي ، انهن جي روڊ رستي ڪٽائڻ ۽ صوبي اندر محفوظ طرح داخل ٿيڻ يا صوبي ڇڏڻ کان اڳ کان يا ملڪ کان ٻاهر وڃڻ لاءِ هوائي جهاز يا سمنڊ ذريعي، اهڙي طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(ii) موجود وضاحت کي وضاحت "I" طور ٻيهر نمبر ڏنو ويندو ۽ وضاحت کي ايئن ٻيهر نمبر ڏيڻ کانپوءِ هيٺين نئين وضاحت شامل ڪئي ويندي:

"وضاحت II. هن دفعہ جي مقصدن لاءِ ملهه جو مطلب آهي C ۽ I قيمت شين جي مالڪ کان مال اندر داخل ٿيڻ تي ۽ صوبي جو انفرااسٽرڪچر استعمال ڪرڻ تي، ۽ ٻين شين لاءِ قيمت جيڪا شپنگ ڪاغذن ۾ ڄاڻائي وئي آهي."؛

(iii) ذيلي دفعہ (2) کانپوءِ، هيٺين نئين ذيلي دفعہ شامل ڪئي ويندي:

"(3). ادا ڪيل سيس جي دعويٰ تي ڪو به فنڊ واپس نہ ٿيندو يا پل ۾ يا غلط فهمي ۾ وڌيڪ ادا ڪيل سيس جي اجازت نہ ڏني ويندي، جيستائين اهڙي دعويٰ اهڙي سيس ڏيڻ جي ٽن مهينن اندر نہ ڪئي وجي.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**